جيون جهانکي

سنت شرومڻي شري آشارام جي مهاراج



جيون جهانڪي

پرم شرڌيه پوجيه پاد

سنت شري آشارام جي مهاراج

جن جي جنم دن مهوتسو تي



ڇپائيندڙ :

شري يوگ ويدانت سيوا سمتي

سنت آشارام آشرم

موٽيرا روڊ، سابرمتي

احمدآباد - ٥. فون : ٧٤٨٦٣١٠

ٽائيپ سيٽنگ : سُپرڪمپيوٽر ڪنسلٽنٽس

١٠٥، ڪيسواٽي ڪامپليڪس، سپنا گارڊن جي سامهون

الهاسنگر - ٣. فون : ٩٥٠٠٥٥ (٠٢٥١)

رشن ۾ پنهنجي پوري وئيو سان پرڪٽ ٿيندو نظر
و. اهڙا مهاپرش هن سنسار روپي رڇ جو پڇرندڙ انسان
ڙ روپي وشال وڻ جي مثل آهن. تڏي تڏي جل جي
ي جيان آهن. سندن سرير کي ڇهي ايندڙ هوا به لوڪن
انيڪ-انيڪ جنمن جو تڪ لاهي سندن من ۾ آتمڪ
تا تي پري.

اهڙن مهاپرشن جي مهما ڳائي ته ويد به ٿڪجي پيا
ن پوءِ انسان جو ڪهڙو سامرٿيه آهي جو ڪجهه قلم سان
ي سگهي ۽ زبان سان ڪجهه چئي سگهي. تڏهن به ستگرو
پا تي وشواس رکي ٿورو ڪجهه ورڻن ڪرڻ جي ڪوشش
جي ٿي.

احمداباد شهر ۾ سابرمتي نديءَ جي ڪناري، موٽيرا
ڻ جي پويتر استان تي هڪ آتي سندر، رمڻيڪ، قدرتي
ڪش نظارن سان پرپور آشرم ۾ ساڌارڻ جيون گهاريندڙ
ڪ مهان تيجسوي ساڌو، رشي ويس ۾ سائين آشارام مهراج
ندا آهن.

سندن جنم سنڌ ديش جي نوابشاهه ضلعي ۾ تنڊي آدم
ر جي پرسان ٻيراڻي ڳوٺ ۾ ٿيو. چيٽ مهني جي
ڪوينهن تٿ وڪرم سنبت ١٩٩٨ ۽ عيسوي سنه ١٩٤١
ريل جي ستين تاريخ منجهند جو ٻارهين بجي ٿيو.
ارچت، دانشيل، ساڌو سڀاءُ ۽ ڌارمڪ خيالن واري نگر
ٺ شري ٿائومل سيروملاڻي ۽ سرل، نماڻي ديالو سڀاءُ واري
تا مينگهي ٻائي هن دويه آتما کي پنهنجي پتر روپ ۾
اپت ڪيو. سندن جنم جو نالو آسومل رکيو ويو.

پرم پوڄنيہ سنت شرومڻي

سائين آشارام صاحب

جن جي جيون جهانڪي

تتو گياني مهاپرشن جو سنگہ ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اُهي سچ پچ تہ وڏڀاڳي آهن جن کي اهڙن مهاپرشن اڳيان پنهنجو اهنڪار روپي شيش نوائڻ جو موقعو ٿو ملي. جيڪي مهاپرش هي جڙ سرير ڌارڻ ڪري اوتار وٺي هن ڌرتيءَ تي اچن ٿا تن کي ڪو قسمت وارو ئي سڃاڻندو. لوڪ پرميشور کي پائڻ لاءِ ڪٿي جو ڪٿي پيا ڀٽڪندا آهن. پر ڀڳوان ڪين ڪٿي بہ نظر ڪونہ ايندو آهي. ايندو بہ ڪٿان ؟ ڇو تہ ايشور هرهنڌ حاضر ناضر آهي. هو تہ سرو وياپي گهٽ-گهٽ واسي آهي. پوءِ ڀلا نراش لوڪ انهيءَ پرماتما کي ڪٿي ڳولهين انهيءَ الکہ کي ڪٿي ڏسن ۽ ڪيئن پسن. انهيءَ لاءِ سنت ڪبيرداس فرمايو آهي تہ :

الکہ پرش ڪي آرسي، ساڌو ڪا هي ديهہ
لکا جو چاهي الکہ کو، اِن هي ۾ تو لکہ ليهہ.
الکہ پرش جي آرسي - آ ساڌو جي ديهہ
الکہ پسڻ جي چاهين - تہ تنهن ۾ ئي تون پيهہ.

هي انسان جي توکي الکہ جو ديدار ڪرڻو آهي تہ ڪنهن ست پرش کي ڏس ڇو تہ پنهنجي هن اکہ سان تہ تون پرم پتا پرميشور کي پسي ڪين سگهندين پر اُهو پريو پاڻ انهن

، جيکي رڌيءَ سڌيءَ جا مالڪ هوندي بہ رواجي انسانن
ر رهڻي ڏيکارين ٿا. ستن سالن جي ننڍي اوستا ۾،
ن تيز ياداشت ۽ ايڪاگرتا جي ڪري، سڄي اسڪول
هڪ هزار وديارٿين ۾، سائينجن هڪ ئي سنڌي شاگرد
دي پڻ، سيني کان پهريون نمبر حاصل ڪيو ۽ اسڪول
هيڊماستر ۽ ٻين ماسترن جي نظرن ۾ اوچو استان پراپت
و ۽ تنهن کان سواءِ هميشھ ڪلمکہ ۽ خوش دل رهندا هئا،
ڪري سندن آسومل جي نالي بدران اسڪول جا ماستر
ن گجراتي ۾ هسمکہ يائي (ڪلمکہ) جي لاڏلي نالي سان
يندا هئا. سندن ياداشت ايڏي تہ تيز هئي، جو هنن کي
جهہ بہ هڪ دفعو پڙهڻ سان ٻيهر پڙهڻ جي ضرورت نہ
دي هئي، ڇو جو سڀ زباني ياد ٿي ويندو هئن. سائينجن
ڪول جي رسيس ۽ ٻيو فرصت جو وقت اجاين ڳالهين ۽
د روند ۾ نہ وڃائي مهاپرش جيان اسڪول پڙسان انبن
باغ ۾ وڻ هيٺ ويهي ايشور چنتن ۾ پنهنجو وقت سڦل
ئيندا هئا. ايتري تيز سمجهہ ۽ ياداشت هوندي پڻ سندن
ي رواجي وديا حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ ايشوري وديا (آتم
ن) حاصل ڪرڻ ۾ لڳندي هئي. جيڪا وديا حاصل ڪرڻ
پوءِ منش هميشھ جنم مرڻ جي چڪر کان آجو ٿئي،
ائي سچي وديا آهي. انهن کان سواءِ ٻيون ودياڻون فقط
نوار هلائڻ لاءِ آهن ۽ انهن جو ڦل ناسونت آهي. تنهن
ري سندن شونق ٻاهرين وديا حاصل ڪرڻ ۾ نہ هوندو هو.
ن هميشھ اِهو ويچار ايندو هو تہ مونکي تہ ايشوري وديا
پت ڪرڻي آهي تہ پوءِ هيءَ ڪوڙي وديا ڪهڙي ڪم
؟ اهڙا خيال وقت بہ وقت من ۾ ايندا هئن. جيئن

سائين جن اجا ٽن ورهين جا مس هئا تہ سندن ڪل گرُو پرسرام جو سندن گهر ۾ اچڻ ٿيو. جنهن هن ٻالڪ جي پيشانيءَ ۾ نوراني نور پسي سندن پتا کي چيو تہ هيءُ ٻار رواجي ٻارن جهڙو نہ سمجهجو. وڏي هوندي هيءُ هڪ مهان سنت بڻجي انيڪ لوڪن جو جيون مهان بڻائي ڪلياڻ ڪندو. اُها اڳڪتي بلڪل صحيح، سچي نڪتي.

١٩٤٧ع ۾ هندستان جي ورهاڱي بعد سائين جن جي ڪٽنب پنهنجا اباڻا اجها ڇڏي اچي احمداباد وسايو. جتي سندن پتا ڪوئلن ۽ ڪاٺين جو ٻڌو واپار شروع ڪيو.

سائين جن جو ننڍي هوندي کان ئي ايشور ڀڳتي طرف لاڙو هوندو هو. پرڀات ويلي اٿي اشنان وغيره ڪري ٺاڪرن جي شيوا پوڃا ڪندا هئا. ٺاڪرن کي سنان ڪرائي ڀوڳ لڳائيندا هئا ۽ وقت بہ وقت ٻين ڪيترن ڌارمڪ استانن ي مندرن ۾ درشن لاءِ ويندا هئا. روز گيتا جو پاٺ ڪندا هئا ڪڏهن ڪڏهن پاٺ ڪندي ڪندي يوگين جي سڀاء موجب بنا ڪوشش ڪئي اڻڄاڻائي ۾ ڌيان ۾ مگن ٿي ويندا هئا

پهريون درجو سنڌي هڪ سال پڙهي ستن سالن جي عم ۾ مڻي نگر احمدآباد ۾ گجراتي جئہ هند هاءِ اسڪول سائينجن پڙهڻ شروع ڪيو. سنتن کي ڪجهہ پڙهڻ جو باقي هوندو آهي ؟ اوتار پڻ ساڌارڻ روپ ۾ اچي جيئن ڀڳوان شري رامچندر، شري ڪرشن، گرو نانڪ ديو ۽ ڪب صاحب جن سرو شڪتيوان هوندي بہ رواجي پرشن وان گروءَ جي چرنن ۾ ويهي وديا پڙهي هئي. اُها فقط لو مريادا لاءِ ! سچ پڇہ تہ مهاپرشن جي مهما ان ۾ ئي سم

ننڍي اوستا ۾ ايڏو بوجو سنڀالڻ اِهو ايشوري شڪتيءَ جو چمتڪار نہ چئجي تہ ٻيو ڇا چئجي؟ ان ڪان پوءِ گذران جي لحاظ ڪان سائينجن کي سڌپور شهر ۾ سندن ڪنهن ويجهي عزيز وٽ ڪجهہ سال اڪيلو رهڻو پيو. اُتي بہ روز نيم سان پريات جو ۴ بجي اُٿي سرسوتي ندي جي پويتر جل ۾ سنان ڪري ندي جي ڪناري، ماڌو باوڙي جي پرسان پارست پپر جي وڻ هيٺ رکيل ڀڳوان ڪرشن جي مورتي کي پاڪر پائي ايشور چنتن ۾ مست ٿي ويندا هئا ۽ آنسون وهائيندا هئا. تنهن ڪان پوءِ ۷ بجي گهر وڃي، موٽي ساڍي ستين بجي گووند ماڌو جي مندر ۾ ۱۰-۱۱ بجي تائين ايشور ڀڳتي ۾ مگن رهندا هئا. ڀڳوان لاءِ اهڙي تڙپ ڏسي مندر جا پوڄاري سندن تيجسوي مکڙو ڏسي کين ڏاڍي شرڌا ۽ مان جي نظر سان ڏسندا هئا، پڻ پريم سان پرساد ۽ کير وٺڻ لاءِ زور ڀريندا هئا.

ايترين ڏکين حالتن ۽ وهنوارڪ بوجو سر تي هوندي بہ سندن ايشور ڀڳتي جو لاڙو چالو ئي رهيو. انجي ڦل سروپ، ايشور جي مهر اڇاٽائي ۾ حاصل ڪري چڪا هئا. اُهو هيٺئين مثال مان ظاهر ٿئي ٿو. سندن سڌپور جي ويجهي عزيز جي گهر مان ٻن ڄڻن کي خون جي ڪيس ۾ پوليس ۳۰۲ قلم هيٺ جيل وٺي ويئي. جنجي ماتا کي اوچتو سائينجن جي يادگيري پيئي، جنهن کي سندن لاءِ ڏاڍي شرڌا ۽ ڀاونا هئي، جو سائينجن ننڍي ڪان ئي ايشور ڀڳتي ڪندا هئا، اُها ڪيس جاڻ هئي. تنهن ڪري گهڻي شرڌا ۽ ڀاونا سان ڪاڻن پڇيائين تہ منهنجا پٽ جيل مان ڪڏهن موٽي ايندا. سائينجن اکيون ٻوٽي ٿوري وقت لاءِ ايشور جو

ڏينهن کان پوءِ رات، اونده کان پوءِ روشني، سياري کان پوءِ اونهارو، ان کان پوءِ چوماسو بنا ڪنهن ڪوشش جي ايندا رهندا آهن، اهي قدرتي نيم سيني سان لاڳو هوندا آهن. ان ۾ اوتارن ۽ مها پرشن ڪي پڻ گذارڻو پوي ٿو ته پوءِ رواجي ماڻهن ڪي جيڪڏهن گذارڻو پوي ته ان ۾ ڪهڙو اچرج آهي ! مها پرشن ڪي پڻ پرڪرتي بي حد ڏکين حالتن ۾ آڻي ان مان پار پوڻ کان پوءِ هميشه لاءِ قدرت تي راڄ هلائي سگهن، اهڙي شڪتيءَ جي بخشيش ٿئي ٿي جيڪا شيءِ جيتري اوچي هوندي آهي، اوتري انجي قيمت پڻ وڌيڪ هوندي آهي. انجو پورو ملھ چڪائڻ کانسواءِ اُها حاصل نه ٿيندي آهي. هيءُ نيم سيني سان هڪ جهڙو لاڳو آهي. حالت جيتري به تڪليف ڏيندڙ ۽ وروڌي هوندي، اوتري ئي انداز ۾ ان مان گذرندڙ وڌيڪ شڪتيشالي ۽ مهان بڻجي ٿي. تڪليفن ۽ سنگهرش کان سواءِ ماڻهوءَ جي جيون جو پور وڪاس نه ٿيندو آهي. سچ پچ ته تڪليفون ئي انتيءَ ڪي جنم ڏين ٿيون. مٿين چوڻ موجب سائينجن جي جيون مٿان پڻ سڪر جي سج اُيرڻ کان پوءِ تڪليفن ۽ ڏکن جي ڪاري رات اچي ڪڙڪي. يارهن سالن جي ننڍي عمر ۾ سندن پتا صاحب سرڳواس پڌاريا، جنهن ڪري سندن سڄي ڪٽنب ۽ وهنوا جو بوجو سائينجن جي مٿان اچي پيو. ان ڪري پڙهڻ ڇڏ ڏيڻو پين. وڏي ڀاءُ جي بي جوابداري واري هلت سبب سندس پتا جي ملڪيت ٿوري وقت ۾ ئي برباد ٿي وئي سندن ڪٽنب ڪي مالي حالتن جي ڪري ڏاڍين ڏکي سنجوڳن مان گذرڻو پيو. ڀاءُ جي بي جوابداري هلت سب سڄي ڪٽنب جو بوجو سائينجن جي مٿان اچي پيو. ايتر

ڪنهن ڪپڙي دڪان تي ريوڙي بزار ۾ رهيا. پوري ڄاڻ ملندي جلد وري پنهنجو ڪپڙي جو دڪان پانچ ڪوها احمدآباد ۾ کوليائون. تيز سمجهه ۽ ايشوري شڪتيءَ ڪري تڪليفن جي رات جو انت آيو. آهستي آهستي ڪٽنب جي مالي حالت سڌرندي ويئي ڇهه مهنا کن ياپاريءَ ۾ ڪپڙي جو واپار هلايائون پر هر هميشهه سندن دل ۾ هيٺ ڏنل ويچار اُٿڻ تيڻ لڳا تہ هي پريو منهنجو جيون ائين فقط سنسار جي ناسونت شين جي حاصل ڪرڻ پٺيان ناس ڪرڻ لاءِ گهڙيو ويو آهي ڇا ؟ اهو سوچيندي سوچيندي سندن نيترن مان آنسن جي ڌارا وهڻ لڳندي هئي. وقت بہ وقت ويچار ايندا هئن تہ منهنجو مکيہ ڪم تہ ايشور جي پراپتي ڪرڻ آهي. مان ڇا جي لاءِ دير ڪري رهيو آهيان ان جي نتيجي سبب ڇهن مهنن جي ننڍي عرصي کان پوءِ سائين جن دڪان مان ياپاري ڪٽ ڪئي ۽ ياءُ جي دڪان تي ڏينهن ۾ هڪ بہ ڪلاڪ حاضري ڏيندا هئا؛ ٻيو وقت هيراپور اسڪول جي پٺيان سماڌين جي وچ ۾ شانت ايڪانت ۾ اڪيلا ويهي ايشور چنتن ڪندا هئا. سندن وئراڳہ ورتي جو وڻ ساڌنا ۽ اپياس جي ٻل سان وڌڻ لڳو. ڪنهن وقت رات جو ڪائڻ پيئڻ بہ ڀلجي گهر ۾ ڪمرو بند ڪري ايشور ڀڳتيءَ ۾ مگن تي ويندا هئا.

سائينجن جي سنسار ڏانهن وئراڳہ ورتي ۽ ايشور طرف ايڏو لاڙو ڏسي مٽن مائٽن ۽ عزيزن کي ڏپ لڳو تہ متان ڪنهن مهل ساڌو نہ ٿي وڃن، تنهن ڪري سندن اِڇا نہ هوندي بہ مڱڻو ڪري ڇڏيو. سنتن کي پڻ ديهہ جو پرارٻڌ ڪرم هوندو آهي ۽ انهنجو آخرين جنم هئڻ ڪري ڪنهنجو

ڌيان ڪري، اندروني آواز موجب چين تہ نردوش ڇٽي ايندا. سچ پچ تہ درويشن جون ليلائون اچرج ڀريون ٿينديون آهن. سنتن جي شيوا لاءِ قدرت هميشه تيار هوندي آهي. سندن وچنن موجب ٿيئن ٿي ٿيو. برابر ٽورن ڏينهن کان پوءِ اُهي نردوش ڇٽي واپس گهر آيا. اهڙين اڻچاٽائي ۾ ڪڏهن اهڙا قدرتي واقعا ٿي ويندا هئن. سنتن جي جيون ۾ قدم قدم تي ڪيتريون ايشوري ليلائون (چمتڪار) ٿينديون آهن. اُهي رواجي ماڻهن جي سمجهہ ۾ مشڪل اچڻيون آهن، ورلو ڪو ان کي سمجهڻ قابل ٿئي ٿو. ڪجهہ ڏينهن سڌپور رهڻ کان پوءِ ڪٽنب جي گذران ۽ وڏي ڀاءُ جي بي جوابداري جهڙي هلت سبب سائينجن وري احمدآبادِ آيا جتي اچي ڪئين ننڍا وڏا ڌنڌا ڪيائون. سندن ڀگهر جي ڪمائي ۽ معصوم ٻالڪ جي سهن شڪتيءَ، وڏي ڀاءُ جو هردو ڀگهلائي ڇڏيو جو سڌي راهہ تي اچي ويو. هتي اهو لکڻ جائز ٿيندو تہ "جهڙو سنگہ تهڙو رنگہ" منش هلڪن ماڻهن جي هلڪن ويچارن جي سنگہ سان ڀاڻ هلڪو ٿي پوي ٿو ۽ مهاپرشن جي سنگہ سان مهان ٿي سگهي ٿو. ڪني نالي جو پاڻي بہ گنگا ۾ ملڻ سان اهو پويتر گنگا جو جل ٿي پوي ٿو. تهڙي طرح سائينجن جي اُتم ويچارن جو وڏي ڀاءُ تي سنو اثر ٿيو، تنهن کان پوءِ ڪالوپور دروازي وٽ احمدآباد ۾ ٻنهي ڀائرن گڏجي ڪنهن مٽ مائٽ جي سهڪار سان ڪنڊ ۽ ڳڙ جو دڪان ڪڍيو پر اندر ۾ وئراڳہ روپي وڻ آهستي آهستي وڌندو ئي رهيو. وهنوار ڪندي ڪندي پڻ هردي جا اندروني ڀاو آهستي آهستي مظبوط ٿيندا رهيا. ٿورو وقت پنهنجو دڪان جمائي ڪري پوءِ ڪپڙي جو واپار سکڻ جي لحاظ کان ٿورو وقت

سائينجن من ۾ اهڙو سنڪلپ ڪيو ته جيستائين آتم ساڪياتڪار (پرماتما جي پراپتي) نه ٿيندي تيستائين پاڻ کي اڃا ڪنوارو مڃيندس ۽ سنساري وهنوار نه پوگڻ جو من ئي من ۾ پڪو نشچيه ڪيو. شادي بعد سندن اوچ ورتي ۽ رهڻي جو پرڀاءُ سندن ڌرمپتني تي پيو، پڻ سندن ڪيل سنڪلپ جي ڄاڻ پنهنجي ڌرمپتني (ماتا لڪشمي بائي) کي ڏني. جنهن بعد اُهي پڻ ڏاڍا سنسڪاري ۽ ڌارمڪ ويچارن سان سهمت ٿي يڪراءِ ٿيا.

سائينجن ۽ ماتا لڪشمي بائي کي عزيزن ۽ اوڙي پاڙي وارن ڪين سنساري وهنوار ڏانهن لاڙائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، پر هو پنهنجي سنڪلپ تي اٽل رهيا. پرماتما پنهنجن لاڏلن جي پاڻ پرگهور لهندو آهي جنهن ڪري انهن کي قدرتي پورن بچاءُ ملندو آهي. جيتوڻيڪ سائينجن جي ڌرمپتني پهرين ته سنساري خيالن ڏانهن مائل هوندي هئي پر سندن سنگه جو رنگه ڪيس جهٽ لڳي ويو. پاڻ اڪيلا رهي پنهنجي اُنتي جلد- ٿي سگهي ان لاءِ هيراپوري سنسڪرت جي مها وديالیه احمدآباد ۾ سنسڪرت پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ برهمچاري ورت پالڻ جي خيال کان رهڻ به اُتي پسند ڪيائون. جتي صرف ڏهن مهينن ۾ ئي سنو سنسڪرت جو گيان حاصل ٿين. امتحان کان چار ڏينهن اڳه هڪ ڏينهن پرڀات جو هڪ سنسڪرت جو شلوڪ پڙهندي ايشوري مستي (موج) ۾ اچي ويا. جنهن شلوڪ جي معنيٰ آهي ته اُن سڀ پڙهي ورتو، مون سڀ گرنٿ پورا ڪيا ۽ جنهن سنساري پوگن جي آشائن جو تياڳه ڪيو آهي. ان شلوڪ کي پڙهندي

لهڻو ڏيڻو هوندو آهي تہ اهو اڳين جنم جو هن جنم ۾
پورو ڪري ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري سندن سنساري وهنو
۾ اچڻ جو شوق نہ هوندي بہ وڏاتا جي ليکہ موجب سند
مڱڻو ٿي ويو. ان وقت سائينجن جي عمر ٢٠ سالن جي هئي
مٿن مائٽن جو ويچار سندن جلدي شادي ڪرائي ڇڏڻ
هو. گهر ۾ جڏهن جڏهن سندن شادي جي ڳالهہ نڪرند
هئي تڏهن هو مايوس ٿي ويندا هئا ۽ اکين مان آنسون وه
لڳندا هئن. ائين ڪندي اڍائي سالن تائين شادي جو وق
وڌايو ويو. آخر ڪنواريتن طرفان گهڻي زور بار پوڻ تي شاد
جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. شادي کان اٺ ڏينهن اڳہ ڪن
کي ٻڌائڻ بنا گهر ڇڏي بروچ شهر ۾ اشوڪ آشرم ۾ پهچ
ويا، پر ”لکيو منجهہ للاٽ، قلم ڪياڙي نہ وهي.“ ش
صاحب جي ان رچنا موجب ڀڳوان شري رامچندر، ڌرم
يڌشٽر، ڀيشم پتامهہ، راجا نل وغيره جن کي پڻ پرا
موجب ڀوڳڻو پيو هو. ان موجب مٽ مائٽ ڳولها ڪندا ڪ
آخر اتي اچي پهتا. ڏاڍيون منٿون ميڙون ڪين ڪيائون
واپس گهر هلي اسانجي عزت بچايو. ۽ سائينجن کي و
ڏنائون تہ توهان جيئن چاهيندا تيئن ٿيندو، هال مٿڪ ب
رسم ادائي ڪريو ۽ توهانجي ساڌنائن ۾ ڪوبہ رنڊڪ ڪ
وجهندو. ان شرط تي سائينجن واپس آيا. شادي جون تيار
ٿي چڪيون هيون، مهورت موجب ڄڃ گاڏي ڏام رو
ٿي. رستي ۾ پالنپور اسٽيشن تي گاڏي تورو وڌيڪ و
بيهڻ ڪري، سائينجن گهوٽ راجا جي ويس ۾ هوندي
اتان ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گڏ آيل ماڻهن
ساوڌاني سبب ڀڄي ڪين سگهيا. آخر شادي ٿي گذري

تنهنجو پندارو ڪري ڇڏيائون ۽ پڻ غريبن ۾ ورهائي
يائون. ڪجهه وقت اُتي رهي، نئنيتال ويا جتي پرم پوجيه
انت آچاريه برهم نشٽ سوامي ليلا شاهه مهاراج جن سان
رهڻ جو موقعو پراپت ٿين. گرو برهم نشٽ ۽ شوتريه نه
ي ته شش جو ڪلياڻ نه ڪري سگهندو. شوتريه يعنيٰ
ني شاسترن جي اصلي رهسيه کي ڄاڻندڙ ۽ آتم ساکيات
ر ڪيل گروءَ کي برهم نشٽ چوڻ ۾ اچي ٿو. اهڙو گرو
ڻ سيني جي ڀاڳ ۾ ڪين هوندو آهي. سوامي رام تيرٿ
ڪ هنڌ چيو آهي ته پنهنجو پاڻ تي ڪرپا ڪرڻ کان سواءِ
و ڪرپا ڪانه ٿيندي آهي ۽ گرو ڪرپا ڪرڻ کان سواءِ
وان جي ڪرپا ڪانه ٿي ملي سگهي. ڀاڳن سان سائينجن
ن ننڍپڻ کان وٺي گيان جي پياس هئي ۽ ڪين وري پرم
جيه سوامي ليلاشاهه جن جو سنگ مليو. جيئن ته معمولي مٽ
ڻ لاءِ پڻ مٽيءَ کي ڪنڀار جي پيرن هيٺان لتاڙجي پوءِ
ندڙ ڀٺيءَ ۾ سيڪجڻو پوي ٿو ۽ مٽ ٺهڻ کان پوءِ به انيڪ
گا سهڻا پون ٿا. اهڙيءَ ريت ايشوري پد پائڻ لاءِ ڪجهه
ڻو پوي ته ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ سوامي ليلاشاهه
ن سائينجن جي مک منڊل کي ڏسي اڳلي بابت سڀ ڄاڻي
ٿو. تڏهن پڻ انيڪ طرح سان پريڪشائون ورتائون. پر
ئينجن ان مان پوري طرح پاس ٿيا. نئنيتال ۾ ٧٠ ڏينهن
هي نه سگهڻ) اهڙي ڪٺيا ۾ رهيا ۽ پاڻ پنهنجي هٿن سان
ڻن جي دال ٺاهي هڪ ٽائيم پي پيٽ جو پالن ڪرڻ لڳا.
ڪ ڏينهن سوامي ليلاشاهه ڪين چيو ته هاڻي گهر هليا وڃو
ٽي ڏيان پڇن وڃي ڪريو ڇاڪاڻ جو توهانجي شادي ڪيل
ٽي تنهن ڪري هينئر گهر ۾ وڃي رهو. اهڙي آڳيا پائي

پڙهندي پرڀات ويلي ٣ بجي امتحان ڏيڻ کان سواءِ پانـ
جو تياڳ ڪيائون. تنهن کان پوءِ وقت به وقت ڌارمڪ استـ
تي وڃڻ تين. هڪ دفعي هماليه جي گود ۾ شري ڪيدارنـ
جي ياترا تي وڃڻ تين. اُتي درشن پوڄا وغيره پوري ڪر
پنڊاجي کان سنڪلپ ڪرايائون، جنهن سنسڪرت شلـ
اُچاريندي جنهن جي معنيٰ ''لڪاپتي تيڻ'' اُهو ٻڌنـ
سندس چهري جي رُونق بدلجي ويئي ۽ اُداس تي ويا. و
پنڊاجي کان پوڄا ڪرائي سنڪلپ ڪرايائون ته ڀلي
ئي وقت رُڪو سڪو کائڻ جو ملي، توڙي ٻيهر گهران تڏ
به نه ملي، پر ايشوري ڀڳتي وڌندي رهي. ويراڳ ۽ ڀڳـ
جو سلو ننڍپڻ کان ئي پوکيل هين. سالن کان ان جو ايـ
چالو رهين، ان جي ڦل سروپ اُهو ڀاڳشالي ڏينهن اچي
۽ پاڻڪي تيندڙ ايشور پراپتيءَ ۾ رڪاوٽ دور ڪرڻ
ايڪانت ۾ وڃڻ چاهيائون. اها ڳالهه پنهنجي ماتا صا
پوڄ مينگهي ٻائي ۽ ڌرم پتني پوڄيه لڪشمي ٻائي جن
ٻڌائي ته ايشور پراپتي تيڻ کانپوءِ پاڻ (سائينجن) وا
گهر ايندا. اهڙو پنهنجي ماتا صاحب کي وچن ڏيئي آشيـ
ورتائون.

سنبت ٢٠٢١ جي ڦڳڻ مهيني جي ڳيارس ڏيـ
جيستائين ايشوري پراپتي نه تيندي تيستائين گهر واپسـ
موٽڻ جو درڍ سنڪلپ ڪري، گهر تياڳي ڀڳوان شري ڪـ
جي پويتر ڀومي بندرابن جي ڪنج گلين ۾ پهچي ويا،
ڦڳڻ جي سائي ڳيارس يعنيٰ هوليءَ جي شڀ ڏينهن
پنهنجي سنساري ويچارن جو جيڪو تورو گهڻو ڪچرو رڪـ
طور هو تنهنجو ناس تيو ۽ جيڪي تورا گهڻا پئسا وٽن م

اهڙيءَ طرح ڪيترين راتين جبلن جي پٿرن تي
سمهيا، اُڃ، بک، تذين، ڪوسين وغيره سنائون ۽ موٽ کي
دست ۾ کڻي ڦريا. اهڙين اهڙين ڀيانڪ گهاٽين پهاڙين تي
يا جتي سامهون موٽ جڻ تيار بيٺو هوندو هو، موٽ ۽ جيون
جي وچ ۾ هڪ پل جي وڇوٽي هجي اهڙن استانن تي پڻ ويا،
ر اتي به قدرت سندن پيڇو ڪونه ڇڏيو. احمدآباد ڪٽنبين
ي موٽي ڪورل ۾ هئڻ جي خبر پئجي ويئي، سندن ماتا
صاحب ۽ ڏرم پتني ٻئي رئنديون رڙنديون آيون ۽ کين گهر
علڻ لاءِ وينتي ڪيائون. آخر ٤٠ ڏينهن جي ورت جو پوڳه
ائي پندارو وغيره ڪري ڪورل مان روانا ٿيا. ان وقت جو
ظارو سڀ ڪنهن جي دل ڏاڙيندڙ هو. کين هاردڪ موڪلائي ڪرڻ
ءِ سڄو ڪورل ڳوٺ اچي گڏ ٿيو هو، انيڪ دلين روئي ڏنو.
سائين جن لالجي مهراج، ڪرشنا ٻائي ۽ ٻين آشرم نواسين
سان پريم پري موڪلائي ورتي ۽ احمدآباد اچڻ لاءِ ڪورل
مان روانا ٿيا. ميان گام اسٽيشن تي گاڏي بدلائڻي پوندي
هي. سائينجن، سندن ماتا صاحب ۽ ڏرم پتني کي گاڏيءَ
ر چاڙهي وهاري پاڻ هلندڙ گاڏيءَ مان لهي ويا. پرشارٿ
سان پرڪرتيءَ جي وهنن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. اها
ڳالهه مٿئين مثال مان ثابت آهي. سامهون بيٺل ٻي گاڏيءَ
ر چڙهي صبوح جو گڏيشپري بمبئي ۾ پهچي ويا، اتي وري
وجيه سوامي ليلاشاه جن سان مڪاميلو ٿين. اهي پڻ سائينجن
کي قرب ۽ عزت واري نظر سان ڏسندا هئا ۽ کين سنت
مهراج جي پيار پرئي نالي سان سڏيندا هئا. انهيءَ ڏينهن
سنجهند جو اڌائي بجي سائينجن کي پرسان وهاري نوراني
نظر مان ڏسي، خاص سندن لاءِ سوامي ليلاشاه جن پنڇد شي

سائينجن نئنيتال مان واپس احمدآباد آيا پر ساڏنا جو
هڪ خوفناڪ جنگي ميدان آهي. ان ۾ جيڪڏهن ساڌڪ
دريتا آهي تہ اوسي پاسي جو وايو منڊل ۽ ٻاهريون حالتون
جو مارگہ روڪي نٿيون سگهن. نئنيتال مان اچڻ ڪانپوءِ
ڏينهن احمدآباد ترسيا. جهنگل جو راجا شينهن ڪ
زنجيرن ۾ جڪڙجي سگهي ٿو؟ اهڙيءَ طرح سائينجن ا
هڪ ڏينهن گهر ۾ ڪنهن کي ٻڌائڻ بنا موٽي ڪورل تي
نربدا نديءَ جي ڪناري پهچي ويا ۽ لڪل روپ ۾
ڪرڻ لڳا. چٽا ۽ مگر وغيره رات جو پسائي رکندا هئا
ڏينهن جو پوجن جي روپ ۾ ورتائيندا هئا. آهستي آه
ماڻهن کي ڄاڻ پيئي. اُتي رام نواس ۾ رهندڙ سنت ۽
لالجي مهراج ۽ ڪرشنا ٻائيءَ ڏاڍيون منٿون ڪري
پنجڪپيريشور مهاديو جي مندر پرسان نربدا ڪناري
دت ڪٽيا ۾ رهڻ جو بندوبست ڪرڻ ۽ اتي اچي رهڻ
ڪرايو. جيڪو ايشور کي ڏيائي ٿو تنهن ڪان انيڪ
وڏيڪ پرماتما انجي پرگهور لهي ٿو. اهڙيءَ طرح دت
۾ نواس ڪيائون ۽ اُتي ٤٠ ڏينهن جو ورت شروع ڪي
ڪيترا دفعا تہ نربدا جي ڪناري ڏيان جي اهڙي مست
اچي ويندا هئا جو ڪين وقت جي بہ سڌ ڪانہ رهندي
ائين ٿورا ڏينهن هليا تڏهن بہ قدرت سندن پيڇو
ڇڏيو. هتي نرسي مهتا (گجراتي سنت) جو هڪ جمل
ترجمو ياد پوي ٿو تہ :-

بڪہ مارين، پٽ سمهارين، مٿان مارين مار،

ايترو سهندي جي رام جپين تہ ٿيندين پڪ ن

نر پريم ۽ شيپ ياونائن جي وس تي بناس ندي جي
اري ايڪانت ۾ جيون مڪتيءَ جو آنند وٺڻ لاءِ هڪ پويتر
يا ۾ رهڻ لڳا، جنهن ڪٽيا جي اوسي پاسي ۾ هڪ ننڍو
، کليل ميدان ۽ ماڻهن جي اچ وڃ کان بلڪل پاسيرا لڪل
ڻ لڳا. سنجها ٿيندي ئي بناس نديءَ جي ڪپ تي برهماند
ي موج ماڻڻ لاءِ نڪري پوندا هئا ۽ ڪيتريون چانڊوڪيون
يون آتم مستيءَ ۾ گذاريائون، جتي وقت جي ڪابه سمڪ
رهندي هين. سندن ڪٽيا ۽ ندي ڏانهن وڃڻ جي رستي
۾ مساڻ ايندو هو، جتي انيڪ جيو جنتو ۽ نانگن وغيره جو
ي هوندو هو. پر سائين روز انهيءَ رستي تان ويندا هئا ۽
ت جو دير سان موٽندا هئا. سچ جو پرڪاش ڪيترو وقت
ل رهي سگهندو ؟

”تپ ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هوءِ آڪاش.“

اهڙيءَ طرح سوامي ليلاشاهه مهاراج جن جي آديش وس
لوڪ ڪلياڻ لاءِ ڪجهه وقت درشن ۽ ستسنگ جو لاڀ
ندا هئا. گلاب جي خوشبوءِ جيئن چئني طرف پکڙجي
دي آهي، تيئن ٿوري ئي وقت ۾ اتي پريمين جي سنکيا
ندي رهي. ڊيسا ۾ رهندي ڪيترا ئي چمتڪار ٿيا. سچا
ت پاڻ ڪجهه ڪونه ڪندا آهن. پر موقعي تي قدرت
ن کي ساٿ ڏيندي آهي، انهن جي شيوا ڪرڻ لاءِ هميشهه
ضر هوندي آهي. هڪ ڏينهن سائين جن رات جي وقت
يءَ تان واپس آيا ته ان وقت دروازي وٽ هڪ مٺل حالت
گانءِ پيئي هئي ۽ ڪجهه ماڻهن جو ميڙ بيٺو هو. سائينجن
نجي ڪرمنڊل مان ٿورو جل هڪ ماڻهوءَ کي گانءِ کي

جي ستين پرڪرڻ تي ستسنگ چالو ڪيائون. جنهن سونهري ڏينهن جي سالن کان راهه ڏسندا هئا. اهو سڀاڳو ڏينهن آيو، جنهن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه به حاصل ڪرڻ باقي نٿو رهي، اهڙي اوچ پد جي پراپتي ٿين (آتم ساڪياتڪار جو انڀوُ ٿين). ڌنيه آهي اهو پل، ڌنيه آهي اهو ڏينهن ! موتي ڪورل ۾ ۽ ساڌنا جي وقت لڪل روپ ۾، ڌيان مگن رهڻ تي جيڪو آنند کين پراپت پئي ٿيو تنهنجو اصلي سروپ سمجهه ۾ آين ۽ اَنحد آنند جي پراپتي ٿين. جيڪو هرهڪ انسان جو اصلي روپ آهي پر اگيان ڪري منش پنهنجي اصلي سروپ کي ڀلجي ڪنگال بڻجي رهيو آهي، جيئن ته مهاپرشن جا وچن آهن ته :-

”سڀا سڪٽا ڪوئي نهين، سڀ ڪي پيتر لعل،
مورکه گرنٿي کولي نهين، ڪرمي ڀئيو ڪنگال.“

پڻ ان وقت سندن مکه مان اِهي لفظ نڪري ويا ته :

”وو نه مجهه سي دور ٿي، نه مئن اُن سي دور ٿا؛
آتا نه ٿا نظر، تو نظر ڪا قصور ٿا.“

سوامي رام تيرٿ جي چوڻ موجب ته :-

”جيئن مون ڪيو تيئن انڌو به نه ڪري
جو گهر ۾ وڃائي وينس گهر ڏٺي ڪي.“

نج سروپ آتم ديو جي ان آنند ۾ سائينجن ادائي ڏينهن مگن رهيا، جنهنڪي شاسترن ۾ سهجا اوستا چوندا آهن. ان جو وڏيڪ ورڻن ڪرڻ هن قلم لاءِ ناممڪن آهي تنهن کان پوءِ پرم پوجيه سوامي ليلاشاه مهراج جن جي

سائينجن جي ساڌنا استان جي پويتر غفا تي پهچڻ سان منش جا تي ئي تاپ شانت ٿي وڃن ٿا. سنت جنهن پومي ۽ تي نواس ڪن ٿا اها پومي ڌنيه ٿي وڃي ٿي. غفا جي هينين ميدان جي وچ تي ڪلپ ورڪش وانگر جنگي بڙ بادشاه وڻ براجمان آهي. جڏهن جڏهن سائينجن ان استان تي ويهي درشن ڪرڻ آيل ساڌڪن کي ستسنگ روپي امرت پان ڪرائيندا آهن تنهن وقت اهو نظارو ڏسي، پراچين رشين منين جي ياد تازي ٿئي ٿي. جڻ ساکيات شري ويد وياس مهاراج آتمڪ امرت جو رس وٺائي رهيا آهن. ان وقت سندن درشن بي مثال آنند پريو ٿئي ٿو. ايشوري تيز سان چمڪندڙ، وشال پيشاني، آتم آنند ۾ ڊاپيل نيتر، سوپياوان ۽ شانت مکڙو، جنهن جي درشن سان جنم مرڻ جو روڳ متجي وڃي، مٽي تي لٽڪيدار لٽائون، جيئن شنڪر ڀڳوان جي ڳلي ۾ نانگ سوڀيا ڪندو آهي تيئن سندن ڳلي تي وڏن وارن جون لٽائون سوڀيا ڏينديون آهن. سائينجن جي غفا جو واتاورڻ پڻ ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. چئني طرفن کان آبو پهاڙن جون پويتر قطارون وشال آڪاش منڊل ۾ پکڙيل ساوڪ ڏسي لڳندو آهي ته قدرت جڻ پربتن تي سائو غاليچو وڇائي ڇڏيو آهي. سندن غفا جي چئني طرفن کان خوفناڪ جهنگل آهي. آس پاس انيڪ جهنگلي جانور، نانگ، وڇون ۽ ٻيا ڪيترائي زهري جنتو نواس ڪن ٿا. ڏينهن ڏٺي، هلندي هلندي، ڪڏهن ڪڏهن سائي رنگ، ڳاهه جهڙا نانگ پيرن وٽان لنگهي ويندا آهن. اڄ تائين سائينجن جي درشن لاءِ آيل ڪنهن جو به وار ونگو نه ٿيو آهي. چاندوڪي راتين ۾ اُتي جي واتاورڻ جي شوڀا ساکيات ڪئلاش جهڙي ٿيندي

چندو هڻڻ لاءِ ڏنو ۽ اها ڳالهه ڪنهن کي به نه ٻڌائڻ جو چئي
پنهنجي ڪٽيا جو دروازو بند ڪري اندر هليا ويا. توري د
ڪان پوءِ چنڊي لڳڻ سان اها ڳانءِ اتي بيٺي ۽ هلڻ لڳي. س
ڪڏهن به لڪي نٿو سگهي. ان ڳالهه جي ڄاڻ ماڻهن ک
پئجي ويئي. سندن سنگ مان ڪيترائي شرابي ماس هار
۽ ٻين ڪيترين برين عادتن وارا پنهنجا اوگڻ ڇڏي ڳڻوا
۽ سداچاري تي ايشوري مارگ تي اڳتي وڌيا، ڪيترا جگيا
روحاني راهه جا سولا پنڌ حاصل ڪندي انتي ڪندا رهي
انيڪ دکي ۽ نراش تيلن کي نئون جنم مليو.

اٽڪل ٽي چار سال ديسا ۾ رهندي وقت به وقت گرمي
۾ آبو پهاڙ جي پويتر نل غفا، جتي پراچين وقت ۾ راجا
تپ ڪيو هو، اهڙي ساتوڪ ايڪانت غفا ۾ وڃي رهندا هئ
هماليه جي اُتر ڪاشي، نئنيتال، گنگوتري، گئومک ۽ ٻي
ڪيترن استانن جو برهمانند جي مستي ۾ دَورو ڪندا رهي
اونهاري جي ڏينهن ۾ ڪجهه وقت نئنيتال ۾ پرم پوج
سوامي ليلا شاه جن وٽ ۽ ٻيو وقت آبو پهاڙ جي نل غفا
رهندا هئا. نل غفا جو استان ڏاڍو پويتر آهي. ان پومي ت
اڄ پڻ پراچين رشين منين جا پرماڻون موجود آهن، جن
پهچڻ سان من شانت ۽ انترمک ٿيو وڃي ۽ ساڪيات برهم
لوڪ ۾ نواس ڪندا هجون، اهڙو انڀو ٿئي ٿو. اهو جيو ڏن
آهي جنهن سائينجن جي اهڙي تپو پوميءَ تي سندن سن
حاصل ڪيو آهي انهن جي جنمن جنمن جا ٻنڌن ڍلا پئج
وڃن. جيڪي جيو سنتن جي نظرن ۾ ٽا اچن اهي ايشور ج
نظر مان نٽا لهي سگهن ۽ جيڪو سنتن جي نظرن ۾ ڪر
پوي ٿو سو ايشور جي نظرن ۾ نٿو رهي سگهي.

تا آهيون. هينئر سائين جن جي اديت شڪتي ۾ سان
يترائي ساڌڪ اڪيلا رات جو ساڌنا ڪرڻ لاءِ رهندا آهن.
نهن ٻه وشيھ ۾ استرتا ۽ ايڪاگرتا آڻڻ لاءِ يوگيھ واتاورڻ
ي ضرورت ٿيندي آهي. ساڌڪ کي ٻه ان جي مارگھ ۾
تاورڻ وڏي مدد ڏئي ٿو. سنتن مهاتمائن جو سنگھ ۽ انهن
ي انيو جي پرساد روپ ايشوري واڻي ۽ ان جو درشن ساڌڪ
ي پنهنجي مقصد ڏانهن تيز رفتار ۾ پهچائڻ لاءِ مدد روپ
ي ٿو. جنهن جو من وشيھ واسنائن ۽ سنساري ويچارن
نهن ڊوڙي ٿو تنهن لاءِ سنتن جي واڻي هڪ لاثاني چقمق
نگر آهي. اهڙيءَ طرح جنهن جو من سنتن جي ڪرپا سان
انت ٿيڻ لڳي ٿو تنکي سروپ جو انيو ڪرڻ ۾، سنتن جا
رهم نيشٺا پريا امرت وچن ۾ساگر روپي سنسار کان پار
ڪارين ٿا. نيڪ رستو ڏيکاريندڙ کان سواءِ وهنوارڪ ڪم سڌ
ڻ ٻه مشڪل آهي تہ پوءِ من واڻيءَ کان نہ جاتو وڃي اهڙي
رماتما جي سروپ جو انيو ماڻهوءَ جي ساڌارڻ ٻڌيءَ سان
ڪيئن ٿي سگهندو ؟ ساکيات شري رامچندر ڀڳوان جهڙا ٻه
راش ٻڌجي شانتيءَ جي تلاش ۾ پنل اکين سان شري وسشٺ
ي مهاراج جن جي چرنن ۾ جهڪي ويا تہ پوءِ اتي ساڌارڻ
نش جو ڪهڙو حساب آهي ؟ تنهي تاپن کان تپيل سچن
ساڌڪن کي سنگروءَ کان سواءِ ٻيو ڪير تاري سگهندو ؟ ان
ي شري ڪبير صاحب جن جا وچن ياد اچن ٿا تہ :-

”سهجو ڪارج سنسار ڪو، گرو بن هوت ناهين،
هري تو گرو بن ڪيا ملي، سمجھ لي من ماهين.“
”گرو گوبند دونو کڙي، ڪسڪي لاگون پاءِ،
بلهاري گرو آپڻي، جن گوبند ديئو دکاءِ.“

آهي. جنهن جڳهه تي اهڙا منش روپ ۾ وشو جا سمرات براجمان هجن، ان جي آس پاس رهندڙ جهنگلي جانور جيو جنتو پنهنجو دشت سڀاءُ ڇڏي ڪري اهنسا جو ورت وٺن ٿا ته پوءِ انهن جي سنگ ۾ آيل ۽ ستسنگ ٻڌندڙن جا پاپ ناس ٿي وڃن، ان ۾ ڪهڙي شنڪا آهي. چندن جي ويجهو رهندڙ ڪوڙي نم به چندن بڻجي ويندي آهي.

شري گيانيشوري گيتا جي ڇهين اڌياءَ ۾ يوگ ساڌنا جيڪو ايڪانت، پويترتا، شانت ۽ اڪين ڪي وٽندڙ قدرتي واتاورڻ جو ورڻن ڪيل آهي تنهن جو ساکيات درشن آبو پهاڙ جي پويتر غفا تي پهچڻ سان ٿئي ٿو. پاڻيءَ لاءِ هيٺ ميدان ۾ کوهه آهي. ساڌڪن لاءِ پويتر نل غفا جي آس پاس وارن پهاڙن جي وچ ۾ ٿهيل قدرتي غفائون آهن ۽ انهن استانن تي ڪيترائي ساڌڪ سائينجن جي چرنن ۾ ويهي پنهنجو جيون سڦلو بڻائيندا آهن. هتي رهڻ سان ئي ساڌڪ جي جيون ۾ همٿ، شانتي، بي ڊپائي آتمڪ آنند ۽ انيڪ ٻين ايشوري گڻن جو بنا ڪوشش جي وڪاس ٿئي ٿو. سندن غفا جي ويجهو اگنيشور نالي هڪ غفا، گهاٽي ڀيانڪ جهنگل ۾ پربت جي ڪاهيءَ ۾ آهي. جنهن جي ويجهو قدرتي پاڻيءَ جو جهرڻو هميشه وهندو رهي ٿو، اُتي ايندڙ ويندڙ جهنگلي جانور جهڙوڪ شينهن، چيتا، هرڻ، رڇ وغيره پاڻي پيئڻ اچن ٿا. سائينجن اهڙي ڀيانڪ استان تي به اڪيلا رات جو گهمڻ نڪري ويندا آهن، جنهن مان سندن عمدي آتم نيشنا جي جاڻ ملي ٿي، جو اهڙن ڀيانڪ استانن تي ڏينهن ڏني پڻ چڱا ڀلا ماڻهو به ڊپ کان ٿر ٿر ڪنبندا آهن. انهن کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته جڻ ساکيات موت جي منهن ۾

انيؤ امرت

گروديو مونکي جيئدان ڏنو :

هن دنيا ۾ گرو ڪپن تہ هرهنڌ ملي ويندا. پر ستگرو جن
گروباڻي چوي ٿي :

ست پرکہ پڇانيبيا، ستگرو تاڪا نام
جس ڪي سنگہ سکہ، اُڌاريءَ، نانڪ گاوي گڻ ندان.
ارٿات : جاتو جنهن پرماتما کي، اُن جو ستگر نام،
سکہ تري تنهن سنگہ ۾، هرگڻ ڳاءِ مدام

اهڙن ست پرکن جو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون سمرت
ءَ جي گهٽي ڳولها ڪئي پر نراشا ئي ملي.

هن آشا نراشا جي چڪر ۾ آءُ گهڻن ئي مندر-ٽڪاڻن ۾
ندي رهيس. اچانڪ دور درشن تي پرم پوجنيہ سائين آشارام
جن جو ستسنگہ ڏٺو. هنن ۾ آشا جي جهلڪ چلڪندي نظر
. پوءِ سائين جن جو ساهتيہ پڙهڻ ۽ ڪئسيٽ ٻڌڻ سان بہ
ساهہ وڌيو.

دهليءَ ۾ اڏيل سائين جن جي آشرم ۾ وڃي سندن دويہ
شن ڪرڻ جو نصيب ڪليو. ڇا تہ سندن پيشانيءَ مان الوڪڪ
ڪاش پئي بکيو ! سندن اکين مان نوراني نور جهلڪا ڏيئي
ٿو هو. ساندهہ ڪيتري وقت تائين آءُ ان نوراني نيڻن ۾
ريندي رهيس. ايتري ۾ انهن انوکين اکڙين مان هڪ انوکو
ءُ اٿيو جو منهنجي اکين ۾ سمائجي ويو. اهڙي شانتي
پت ٿيم جو :

اهڙن سچن سمرٿ ستگرن جي مهما جو ورڻن جر
ساگر جي پوڄا جل سان ڪرڻ يا سورج جي پوڄا جوت سار
ڪريون، تيئن آهي. سچي ستگرو ۽ برهم نيشٽ گروء ڪار
سواءِ انهيءَ پد کي نٿو پائي سگهي. جن جا انيڪ مثا
شاسترن ۾ پڻ ڄاڻايل آهن جيئن ته يمراج نچڪيتا کي
آگيا ڪئي ته تون اٿي جاڳ ۽ آتم گروءَ وٽ وڃي، برهم
گيان پراپت ڪر. اهڙيءَ طرح شري نارد به شري سنتڪما
ان جي يوگيتا ڏسي کين برهم گيان جو اُپديش ڏنو. شريمد
ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن چوٿين ادياءَ ۾ چيو آهي
ته هي ارجن! وڏيءَ پوروڪ ڏنڊوت پرڻام ڪري نماڻو ٿي
آتم نيشٽي مهاپرشن جي شرڻ ۾ وڃ، هو توکي آتم گيان جو
اُپديش ڪندا. ان ڳالهه جو بيان ڪندي پنهنجي مول ڳالهه
اڌوري رهجي ويندي تنهنڪري هاڻي پنهنجي اصل ڳالهه
تي واپس ٿا اچون.

سائينجن سوامي ليلاشاهه جن جي آديش انوسار لوڪ
ڪلياڻ لاءِ گجرات، مهاراشٽرا پنجاب، هريانا، دهلي، اُتر
پرديش، آسام بهار وغيره ڪيترن راڄين ۾ ستسنگ ورڪ
ڪري سنساري جيون کي مارگ درشن، شريرڪ، مانسڪ
اڌياتمڪ انتيءَ لاءِ لاجواب اتساهه ۽ اُمنگ پئي بخشيو آهي
وقت به وقت جدا جدا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڻ پنهنجي
پروچن جو لاڀ ڏيندا رهن ٿا. سندن ڪرپا درشٽي جي
پرتاپ سان انيڪ ڀاهرمکي منشن جو جيون پويتر ٿيو ۽ پڻ
خراب عادتن مان مڪت ٿيا. هزارين لکين ناستڪ جيور
جون دليون ايشوري ڀڳتي جي رنگ ۾ رڱجي ويون، جنهن جو
پوري طرح ورڻن ڪرڻ هن قلم کي طاقت ڪانهي.

بنڌي ۽ پتني وغيره سڀ ئي گروديو کي ارپڻ ڪرڻ
ن.'

ون به پوڄيه سائين جن کي منهنجو نائي ارپڻ ڪري

نهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي جو ان ئي وقت
ن کي سفيد وستر پهريل، پريم مورتي پوڄيه سائين جن
ن ڏيو. جڻ ته چئي رهيا هجن : 'چنتا ڇڏي ڏيو. سڀ
نيڪ ٿي ويندو.' منهنجي ڏيءَ کي چيائون : 'دلجاءِ
ٽ ! انوراڳ جو وار به ونگو نه ٿيندو.'

واخاني کان واپس اچڻ کانپوءِ به ڊاڪٽر ڪڏهن دم،
 دل جي دوري ۽ ڪڏهن ايلرجيءَ جو علاج ڪندا ئي
آخر ۾ هار کائي ٣٠ نومبر تي کيس 'آل انڊيا ميڊيڪل
' ۾ آءِ.سي.يو. ۾ دل جي بيماريءَ وڀاڳ ۾ رکيو ويو.
ان وڌيڪ عجب ته تڏهن لڳو جو ڊاڪٽرن کي ئي سمجهه
ئي آيو ته هن کي آخر بيماري آهي ڪهڙي ؟ ڊاڪٽر هر
ا حيلا هلائي ٿڪجي پيا. انوراڳ ۽ سندس مائٽ ڊاڪٽرن
الهه تي وشواس نه پيا ڪن. هنن کي ائين پيو لڳي ته
ن کي مرض جي پڇاڻ ئي نٿي پوي ۽ علاج به برابر نٿا
مگر سائين جن جي ڪرپا درشٽيءَ جو ديدار ڪري منهنجي
 نس ئي ٺري پيئي ۽ آءُ بلڪل بي فڪر ٿي پيس.

جان به منهنجي آزمائش جو وقت پورو ڪونه ٿيو هو.
٥ ڊسمبر تي وري سندس حالت خراب ٿي ويئي. ڊاڪٽر
ڳا ته هينئر کيس خطري کان خالي ڪين آهي.

جن لاءِ ايامن کان اجايل هئس
جن لاءِ سالن کان سڪايل هئس
تنهجو درلڀ درشن حاصل ٿيو

هيءُ منهنجو منش جنم سڦلو ۽ سڄايو ٿيو. بس ! پوءِ هر وقت پوڄيه سائين جن جي اپار ڪرپا ۾ مگن رهندي هيس انمول نام جو خزانو ۽ دويه ستسنگ ملڻ ڪانپوءِ منهنجو جيو ئي ڏنيه ڏنيه ٿي پيو. پر .... اڃان ته منهنجي شرڌا نشٺا جو امتحان اڃان باقي هو. تاريخ ٢٧ نومبر ١٩٩٦ ت منهنجو ٣٥ سالن جو نائي انوراڳ کي دل جو دورو پيو. ان ناز حالت ۾ کيس نئشنل هارٽ انسٽيٽيوٽ ۾ هن کي داخل ڪ ويو. طبيعت وڌيڪ گنڀير ڏسي کيس آءِ.سي.يو. ۾ رک ويو.

ٻن ڏينهن کان وٺي سندس حالت اڃا بگڙجندي پئ ويئي. ٢٩ نومبر تي آڪسيجن چاڙهي کيس بيهوشيءَ جي حال ۾ ئي سيتارام ڀارتي انسٽيٽيوٽ ۾ داخل ڪيو ويو. منهنج شرڌا جو ڳاڏو لڏڻ لڳو. من ئي من انتريامي، سڀ گهٽ سوامي سائينجن کي پرارٿنا ڪئي ته 'هي منهنجا گرديو ! منهنج نائيءَ کي جيئدان ڏيوس. هن سمنڊ جي وچ لهرن ۾ ڦاٿل ڪ اوهان ئي ڪناري لڳائي سگهو ٿا.

من ۾ شوگيتا جو شلوڪ ياد آيو :
شرير مندريه پراڻ مرت سوجنباندوانه
آتم داردڪم سروم سدگرو ڀيو نويديت
'پنهنجو شرير، اندريون، پراڻ، ڌن، ڪٽمب جا ڀاتي

سوامي ليلاشاهہ لهري

”برهم گياني ڪا انت نہ پار،
نانڪ برهم گياني ڪئہ سدا نمسڪار.

بهار جي موسم هئي. هلڪي هلڪي من کي مست ڪندڙ
ڙي هير لڳي رهي هئي. ڦڳڻ ڦولاريو هو. انبن ۾ ٻوڙ پئجي
ڪو هو. پن پن کي قدرت نئين جان بخشي رهي هئي. اهڙي
ائي سمي برابر ٢٢ ڦڳڻ وڪرم سنبت ١٩٣٧ (عيسوي سنہ
١٨) ۾ مها پرش شروتري برهم نيشٺا يوگيراج سوامي ليلاشاهہ
اتما جن جو جنم ڳوٺ محرابپور خان چانڊئي - تعلقي ٽنڊي
ڪي ۾ ٿيو. جمندي ئي جام هئا. سندن منهن جي مٺيا ڏسي
يون گڏ گڏ ٿي ويندين هيون پاڻ اجان ننڍا هئا تہ سندن
تا ۽ پتا پرلوڪ پڌاريا. سندن چاچي ۽ چاچيءَ کين ماتا پتا
پيار ڏنو. ننڍي هوندي کان ئي گنڀيرتا جا گهر هئا، ائين
ندو هو تہ ڄڻ ڪجهہ سوچي رهيا آهن.

جاڳي جن ڏٺو، پنهنجي اڪئين پاڻکي
تن کي لڳو سپ ڪان، آتم رس منو
سي پڙتا رهن پاڻ ۾، ڪائي مسو تسو
ڪرمن جو چنو، ڦاڙي تن ڦٽو ڪيو.

پوڄيہ سائين جن جو سارو جيون ئي ڄڻ ڪرم يوگہ جي
ڪار سهڻي مورت هو. سائين اسي ورهين جي ورڊ عمر ۾ بہ
هتيہ جي ڳوٺري پري، مٽي تي رکي نئنيتال جي پهاڙن تي

منهنجي مٿان گويا پهاڙ اچي پيو. پر سائين جن ۾ وش
ركي شرڌا ڀڳتيءَ سان شري آشارامائڻ جو پاٺ ڪرڻ لڳ
گرو منتر جو جاپ پوري دل سان ٿي رهيو هو.

جڏهن ٧ ڊسمبر تي انجوگرافيءَ لاءِ وٺي ويس ان
رپورٽ ڏٺي ڊاڪٽر ۽ گهر جا سڀ ڀاتي عجب وچان هڪ
ڏانهن نهاريندا رهجي ويا.

منهنجي اندر ۾ اپار آنند جون ارميون ۽ نشچنتتا
ڇوليون ڇلڪڻ لڳيون ....

بس هردو انيءَ جو احساس ڪندي چوڻ لڳو :

جو بات دوا سي نهين هوتي
وو دعا سي هو جاتي هئہ
سائين آشارام اگر مل جائہ
تو بات خدا سي هو جاتي هئہ

ॐ گرو ॐ !!!

ياد رکو، جنهن سماج ۾ توهانجو جنم ٿيو آهي، جنهن
ج ۾ توهان پليا آهيو، جنهن سماج سان توهان جا رشتا ناتا
ن اُن سماج جو توهان تي قرض آهي. اُهو قرض شيوا ڪري
ڻو آهي.

سوامي جن هميشه سادگيءَ ۾ گذاريندا هئا. سندن جيون
ائين چمتڪاري رهندي به چمتڪار ڏيکارڻ کان پري رهندا
ا. پر ڪڏهن سندن چمتڪار لوڪن کان لڪل نه
ندو هو.

هڪ دفعي اُجين ۾ لوئر سنڌ پئنچائت جو سميلن هو.
امي جن اُن سميلن لاءِ آيل هئا. جيئن ته سوامي جن گهڻو
ري شانت استان پسند ڪندا هئا سو شپرا نديءَ جي پر ۾
ڪ جاءِ ورتي هئائون.

هڪ ڏهاڙي دستور انوسار صبح جو پنجي بجي پاڻ
نگهل ڏانهن ويل هئا. اُن وقت هڪ گوال به ڳانيون وٺي جنگهل
نهن وڃي رهيو هو. اوچتو هن جي نظر وڃي سائين جن جي
ان پيئي، ڇا ڏسي جو سائين جن پنهنجو جهبو لاهي شپرا
يءَ جي پاڻي تي وچائي نديءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا. اهڙو
يت اسرار ڏسي گوال ڳانيون ڇڏي منهن تڪيندو رهجي
و.

ليلا ليلاشاه جي چمڪي چوڏاري
صدبار صدقي شاهن سندي شاه تان!

ॐ آنند ॐ !!!

ويندا هئا. اُتي ستسنگ ٻڌائي، پرساد ورهائي ماڻهن کي سنا سنا ڌرمي ڪتاب ڏيئي ايندا هئا. ڪٿي هفتي ڪٿي پنڌرهين ڏينهن وچي اُهي بدلائي ٻيا ڏئي ايندا هئا.

سائين جن چوندا هئا : اگر چاهيو ته منش ديهي سڦلي ڪريون ته گرهست جي گاڏي سان گڏوگڏ سماج شيوا به ضرور ڪريو. شيوا ته نسوارٿ هجي، اُها شيوا جنهن مان هڪ ٻئي لاءِ پيار پئدا ٿئي، اُها شيوا جنهن مان مريادا اتپن ٿئي، اُها شيوا جنهن مان سماج جو سنگهٽن ٿئي، اُها شيوا جنهن مان ديپڪ ۾ روشني پئدا ٿئي، اُها شيوا جنهن مان سنڌي سماج ڀارت جي ٻين سماجن ۾ اهم جڳهه والاري.

اُها شيوا جنهن مان اناٿن، وڌوائن، گگدام گانين ۽ غريب ڀائرن کي راحت ملي. اُها شيوا جنهن مان سماج جي ٻالڪن کي وديا جو دان ملي، اُها شيوا جنهن مان نياڻين جو اُڌار ٿئي، اُها شيوا جنهن مان ڏيتي ليتيءَ جي وڌندڙ لهر کي روڪ پوي. اُها شيوا جنهن مان سنڌي سماج بلنديءَ جي اوچ تي اچي، دنيا جا سڀ ڪاروبار ڪندي به سماج شيوا ڀاڻ ۾ ترقي پيدا ڪريو.

سائين جن چوندا هئا ته هر سنڌي ڀاءُ جو اهو ڪرتويه آهي ته گرڀ پات جهڙي مهاپاپ کان سماج کي بچائي. ماڻهوءَ جي هتيا ڪرڻ سان جيترو پاپ لڳندو آهي ان کان به وڌيڪ پاپ گرڀ پات ڪرڻ واري کي لڳندو آهي. شاسترن ۾ چيو ويو آهي ته گرڀ پات يا ڀروڻ هتيا مهاپاپ جهڙو ڪوئي پاپ ناهي. گرڀ پات ڪرائيندڙ استريءَ جي هٿ جي روٽي ڪوئي ساڌو کائي ته سندس سڄي تپسيا ناس ٿي ويندي آهي.

ن ؟ مان سڌو آشرم کان تو اچان. مولچند کو ڏوراپو
ـہ ڏنو ؟ پٽ وراڻيو تہ، بابا توهان هي چا پيا چئو !
جو پٽ گڏيو هيو ۽ چيائين تہ تنهنجو پتا تہ آيو هو!
ي مان تہ وائڙو ٿي ويس. خاطري ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ جي
ں سالو وينو هو چيائين تہ ڪيئن واپس اچڻ ٿيو آهي
ي تہ هتان ويا هئا. مان چيو تہ- نہ نہ، هاڻي آشرم
و پيو اچان. هتي تہ هاڻي ئي آيو آهيان. تنهن تي
ي سالي چيو منگهن مل توهان چا پيا چئو ! منهنجي
باسي ۾ وينا هئا. ستسنگہ جون ڳالهيون پئي ڪيو. آتما
رتا ۽ ديهہ جي نشورتا جي وشيہ تي پرڀاوشالي واڻيءَ
ر ڪيو. توهان جي وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهن توهان جي
ساراه پئي ڪئي. اسان کي خبر ئي ڪونہ هئي تہ
باهر ڏسڻ ۾ تا اچو انهيءَ کان گهڻو ئي اندر اونها
هي سڀ ڳالهيون ٻڌي منهنجي اکين مان پريم پريا
وهي آيا. من ۾ ئي چيو- واهہ ! منهنجا پريو واهہ!
ي لاءِ توهان کي منهنجو ئي روپ ڌارڻ ڪري اچڻو
ئين توهان جي ليلا اپار آهي ۽ بابا جن جا ڳڻ ڳائڻ
آهي آهي پرماتما آهي ..... ڪبير چوي تو ناهي
منهنجو ڍولڻ آهي ....

- منگهن مل گهنشامداس

جهونو جي وارڊ، روم نمبر ٢٠٩،

ڪبيرنگر، احمدآباد

اوکي گهڙي نہ ديکن ديون

ستگرو اپنا برد سنڀالي

شاسترن ۾ پڙهيو ويو آهي ۽ چوڻ ۾ پڻ ايندو آهي تہ ڀڳتن جا ڪارج ڀڳوان پاڻ اچي پورا ڪندو آهي. جيئن سئني نائيءَ جو روپ ڌارڻ ڪري، ڀڳوان پاڻ اچي راجا جي ڏاڙهي لاتي هئي. اهڙو ئي مثال هڪ سنڌي ڀاءُ ٻڌايو تہ ستگرو سائين بابا آشارام صاحب جن پاڻ خود ڪرامت جا ڏٺي آهن. مون جيڪي چمتڪار ڏٺا آهن، اُنهن جو ورنن ڪريان تہ هڪ سچو سندر پستڪ لکجي ويندو. اهڙن چمتڪارن مان هڪ تازو ئي تازو ڪجهہ ئي وقت اڳہ چمتڪار ٿي چڪو آهي. مان سائينجن جي آشرم ۾ ستسنگہ ٻڌي رهيو هوس. ستسنگہ ۾ گهڻي موج لڳي پيئي هئي. آنند ايڏو تہ پريل هو جو اُٿڻ جي خبر ئي ڪونہ پيئي. اُن وقت شام جا ساڍا پنج ٿيڻ تي هئا. ساڍي پنجين ٻجي (ماستر مولچند جي گهر واري) منهنجي ساليءَ جون پڳڙيون هيون. مونکي تہ ضرور پهچڻو هيو ڇا ڪريان اُن ئي ٻڌتر ۾ هوس، آخر سائينجن کي هرديہ سان پرارٿنا ڪيم : سائين هاڻي مان ڪيتري بہ ڪوشش ڪندس پهچي نہ سگهندس، منهنجي عزت آبرو توهان جي هٿن ۾ آهي ٻوڙيو ڇاهي تاريو جيڪا توهان جي مرضي. ائين چئي بي اونو ٿي ويهي رهيس. آشرم کان ڪبيرنگر اٽڪل ۱۰ ڪلوميٽر پري آهي. رات جو جڏهن گهر پهتس تہ پنهنجي پٽ کان پڇيم تہ پڳڙينَ تي

سچو سنت آهين، ليلا شاهه سائين
من جون مرادون، سڀ جون پڄائين
ليلا شاهه سائين او ليلا شاهه سائين

١) در تنهنجي داتا آيا سوين سوالي
پرين جهوليون تن جون ڇڏين ڪين خالي
خالي پينگهن ۾ ٻچڙا ڪُڏائين ...... ليلا شاهه سائين

٢) آگها تي سگها ويا وٺي شرن تنهنجي
اُگهاڙا ڍڪين پيو ڏيئي پناهه پنهنجي
ڪري راس ڪارج رنگڙا رچايائين ...... ليلا شاهه سائين

٣) مٺا جهڙا مصري ڪيئه کوهه کارا
نياڻين جي صدقي وتو تا وڪاڻا
ننگه پال ننگه جو ناتو نڀائين ..... ليلا شاهه سائين

۴) چنڊ جيان تي چمڪي تنهنجي لالي
ڏورائون ڏنو سون تجلو نوراني
ڪفني ڪلهن ۾ بوچڻ تو پائين .... ليلا شاهه سائين

۵) سنت آهين سنڌ جو هند ۾ هاڪارو
پلو ڪر پلو تيئي اهو تنهنجو نارو (نعرو)
برائين کان بابل سڀ کي بچائين ...... ليلا شاهه سائين

٦) آهي اوٽ تنهنجي، تنهنجي سهاري
سڪائون سکيون اتم لالڻ تو لاري
منهنجي اڱڻ ۾ پيرا گهمائين .... ليلا شاهه سائين

٧) سڪا ڪيئه ساوا، 'سدرشن' ديا ڪر
ڪري مهر مالڪ پنهنجي ميا ڪر
غريبن تي بابل هٿڙو گهمائين .... ليلا شاهه سائين

سائين آشارام هريءَ جا پيارا
سنگت سچيءَ ۾ سنت سونهارا
چمڪندا تنهنجا جڳ ۾ ستارا
موتيرا وارا مينگهيبا جا لعل

١- جوت اوهانجي جڳندي رهي
روشني هردم وڌندي رهي
خلق خوشيءَ ۾ ڪلندي رهي
در تي اوهانجي نمندي رهي
آس رکي جو ايندو سوالي،
ورندو ويندو ٿي خوشحالي
ڪم ڪندو تنهنجا دنيا جو والي
موتيرا وارا مينگهيبا جا لعل .....

٢- اوچو اوهانجو شان رهي
جپ تپ ۽ اشنان رهي
سنگ اسان سان ڀڳوان رهي
ملندو در تان گيان رهي
جهندو اوهانجو جهولڻ جهولي، مٺڙي مٺڙي ٻولي ٻولي
سنگت سچيءَ جا راز ٿو کولي
موتيرا وارا مينگهيبا جا لعل

سائين آشارام هريءَ جا پيارا
سنگت سچيءَ جا سنت سونهارا